# ۵ - ساڌو واسواڻي

ٻڌو. پڙهو ۽ لکو:-

YNX6K9





ساڌو واسواڻيءَ جو پوتر سماڌي آستان

صدين ۾ ڪي ورلي اهڙا مهاپرش پيدا ٿيندا آهن. جيڪي هن جڳ کي سچ ۽ پريوءَ جي روحاني راهه ڏيکاريندا آهن. ساڌو واسواڻي اهڙن مهاپرشن مان هڪ مڃيو وڃي ٿو.

ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ۲۵ نومبر ۱۸۷۹ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندس پورو نالو ٿانورداس ليلارام واسواڻي هو. ننڍپڻ کان ئي هن جي هردي ۾ ڀڳتي ۽ شيوا جا ٻج پوکيا ويا هئا.

سندس اُستاد ساڌو هيرانند جي شخصيت جو هن تي گهرو اَثر ٿيو. پڙهائيءَ ۾ ننڍپڻ کان ئي هوَ ذهين هو. ايم.اي پاس ڪري هوُ ڪلڪتي جي سِٽي ڪاليج ۾ پروفيسر بڻيو. ٿوري وقت بعد هوُ پرنسيپال جي عهدي تي پهتو. ماتا سان ڪيل اَنجام موجب ٿانورداس، ماءُ جي ديهانت کان پوءِ سڀ عُهدا تياڳي فقيري قبولي. هُن ٻين عام ساڌن وانگر دنيا کان ڪنارو ڪونه ڪيو. هن سڄي زندگي دين دکين ۽ پسُن پکين جي شيوا ۾ گذاري، ان ڪري کيس ’ڪرم يوگي‘ ڪوٺيو وڃي ٿو.

ڀارتي سنسڪرتي ۽ ويدن جو اونهون اَڀياس ڪري اُنهن جي خوبين کان هُنَ جڳ کي واقف ڪيو. سنه ۱۹۱۰ع ۾ جرمنيءَ ۾ وشودرم سميلن ۾ سندس ڀاشڻ جي يورپ واسين دل کولي ساراهه ڪئي. ودوان واسواڻي صاحب روحاني گيان سان گڏوگڏ علم ۽ لوڪ ڪلياڻ جي ڪيترن ۾ اَنيڪ ڪم ڪيا. اِن ڪاريه کي عملي جامو به پهرائڻ لاءِ هُن سنه ۱۹۳۱ع ۾ ’سَکي سنگت‘ نالي سنستا برپا ڪئي. ناري سکيا لاءِ ’ميران هلچل‘ هلائي. هوُ اَڪثر چوندو هو ته هڪ ٻالڪا کي سِکيا ڏيڻ هڪ ڪٽنب کي سکيا ڏيڻ جي برابر آهي.

ورهاڱي بعد ساڌو واسواڻيءَ اَچي پونو وَسايو. پوني ۾ اِسڪول، ڪاليج اِسپتالون ۽ شيوا جا اَنيڪ اِدارا برپا ڪرايائين. هوُ نماڻو، نهٺو ست پُرش هئو. هُن ڪيترن کي ئي پير ۾ وهاري ساڻن روح رهاڻ ڪئي ته وري ڪيترن ئي سندس سانت مان سبق سکيو.

ساڌو واسواڻي گيان جو ساگر ۽ روحاني شاعر هئو. نوُري تخلص سان هن ڪيترائي سندر پستڪ لکيا آهن. سندس رچيل ’نوري - گرنٿ‘ سنت ڪاويه جو اَنمول مثال آهي. سندس هردي ۾ سڀني ڌرمن لاءِ گهرو پريم هو. ڌرم کي هوُ ٻاهريون ڏيکاءُ نه مڃيندو هو. چوندو هو. ”ڌرم رڳو مٿا ٽيڪڻ ۾ ڪونهي ۽ رڳو گيت ڳائڻ ۽ شاستر پاٺ ۾ به نه آهي. سچو ڌرم اَٿو ديا ۾، ڌرم اَٿو پوترتا ۾، ڌرم اَٿو نوڙت ۾، ڌرم اَٿو شيوا ۾، انڪري ڌرم بابت ڳالهايو گهٽ، پالن وڌيڪ ڪريو.

سندس هردي ۾ نه رڳو اِنسان ذات لاءِ پريم هو، پر پسُن پکين لاءِ پڻ ديا ڀاوُ هو. سندس جنم ڏينهن سڄيءَ دنيا ۾ ’وشنو ڏينهن‘ ڪري ملهايو ويندو آهي.

هِن مهاپرش ١٦ جنوري ١٩٦٦ع تي پوني ۾ سنساري چولو تياڳيو. سنڌس لڳاپيل شيوا جو ﭘوٽو اَڄ وڏي وَڻ ٿيو آهي. پوني جي پوتر ميرا مِشن اَڄ هڪ تيرٿ آستان بڻجي پيئي آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ مان ايندڙ سئلاني هت ياترا ڪرڻ ايندا آهن. سنڌس روحاني وارث بڻجي دادا جشن واسواڻي ’اَنجلي‘ ديش وديش ۾ وڃي پريو پريم ۽ شيوا جو سنديش پهچائي رهيو آهي. سنڌس سوُنهپ ۾ ساڌو واسواڻي مشن دوُران تعليم ۽ شيوا جي ڪيتر ۾ اَنيڪ ساراهه جوڳا ڪم هلي رهيا آهن.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| دنيوي = سنساري | ذهين = ٻڌيمان | حياتي = جيون |
| دين = غريب | سنساري چولو تياڳڻ = گذاري وڃڻ | روحاني = آتمڪ |
| عهدو = پَدَ | سونهنپ = رهنمائي | برپا ڪرڻ = قائم ڪرڻ |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟
٢) ڪنهنجي شخصيت جو متس گهرو اَثر ٿيو؟
٣) ڪيس ڪرم يوگي چو ٿو ڪوٺيو وڃي؟
٤) دادا جشن لوڪ ڪلياڻ جا ڪهڙا ڪاريه ڪري رهيو آهي؟

**سوال ٢: خال ڀريو:**

١) ايم.اي. پاس ڪري هوُ هڪ ڪاليج ۾ ------ بڻيو.
٢) هُن سنه ١٩٣١ع ۾ ------ نالي سنسٿا برپا ڪئي.
٣) سنڌس رچيل ------ سنت ڪاويه جو انمول مثال آهي.
٤) ڌرم رڳو ------- ۾ ڪونهي.

**سوال ٣: جملن ۾ ڪم آڻيو:**

روحاني، ذهين، انجام، نهنو، وارث

**سوال ٤: ضد لکو:**

فقيري، اونهو، نهنو، نئڙت، روحاني

**سوال ٥: هيٺين جملن مان اِسم چونڊيو.**

١) ساڌو واسواڻي هڪ سنت تي گذريو آهي.
٢) هُن ڪيترا شيوا جا ڪم ڪيا.
٣) سنڌس اُستاد لاءِ ڪيس پيار هو.
٤) هوُ ڪلڪتي جي ڪاليج ۾ پروفيسر بڻيو.

**هدايت -** ماستر شاگردن کي سوامي ليلا شاهه مهاراج جي جيون بابت ڄاڻ ڏيندو.

**مشغولي:** ماستر شاگردن کي ڪنهن به سنڌي مهاپرش تي ڏهه جُملا گهران لکي اچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

سبق جي هڪ ٽڪر تي مشغوليون.

ماتا سان ڪيل ------------------------------ هڪ ڪتنب کي سکيا ڏيڻ جي برابر آهي.

(الف) برئڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن کي بدلائي، اُهي ڪم آڻيو: (اِسٿاپن، حياتي، تعليم، آڌياتمڪ، پد، ڪنيا)

١) هڪ بالڪا کي سکيا ڏيڻ هڪ ڪتنب کي سکيا ڏيڻ جي برابر آهي.
٢) ماتا سان ڪيل اَنجام موجب ٽانورداس سڀ عهدا تياڳي فقيري قبولي.
٣) ودوان واسواڻي صاحب روحاني گيان سان گڏو گڏ عمل ۾ لوڪ ڪلياڻ جي کيترن ۾ انيڪ ڪم ڪيا.
٤) سڄي زندگي دين دکين ۽ پسن پکين جي شيوا ۾ گذاري.
٥) هن سنہ ١٩٣١ع ۾ ”سکي سنگت“ نالي سنسٿا برپا ڪئي.

(ب) جوڙا ملايو

| | |
|---|---|
| ١) سنہ ١٩١٠ع | ١) دنيا کي پڌائڻ |
| ٢) سنہ ١٩٣١ع | ٢) سکي سنگت |
| ٣) دين دکين ۽ پسن ۽ پکين جي شيوا | ٣) وشو ڌرم سميلن |
| ٤) ويدن جو اونهو اڀياس | ٤) ڪرم يوگي |

(ڪ) پسون پکي اَهڙا مرڪب لفظ ٽڪر مان ڳولهيو:-

(د) چار لفظ ڳولهيو جيڪي هندي ٻوليءَ ۾ بہ اِستعمال ڪيا ويندا آهن.

## پاڻ ڪريان - پاڻ سِکان

- جو مڙيو سو جُڙيو:- وڏيڪ واد - وواد ۾ نہ پيئي، جو شانت رهي ٿو، جيت اُن جي آهي.
- آئي ٽانڊو ڪڻڻ بورچيٽاڻي ٿي ويني:- ڪو مدد گُهرڻ اچي ۽ پاڻ مالڪ ٿي ويهي رهي.
- جهڙا ڪانگہ تهڙا بچا:- جهڙا وڏا تهڙا ننڍا
- جهڙي نيت تهڙي مُراد:- بُرو سوچڻ واري جو بُرو ٿيندو آهي، ڀلو سوچڻ واري جو ڀلو ٿيندو آهي.
- جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا:- جيتري وڏي ذميواري، اوتري وڏي پريشاني.
- ٽڪو ڏيئي ٽانڊو ڪڍائڻ:- رواجي ڪم ڪرائڻ لاءِ بہ ٻئي کان مدد وٺڻ.
- اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني: ڪنهن قيمتي شيءِ مان بہ نقصان ٿئي تہ اُن جو تياڳ ڪرڻ گهرجي.
- يڪ تندرستي هزار نعمت:- صحت کان وڌيڪ ڪُجهہ نہ آهي.
- آهہ غريبان قهر خُدائي:- غريب ماڻهوءَ کي ڪڏهن بہ نہ ستائجي.
- جتي باهہ ٻري اُتي سيڪُ اَچي: اَحساس اُنکي ٿيندو جنهن کي تڪليف ٿيندي.
- گدڙ ڊاکہ نہ پُڄي آکي ٿو کٽا:- جڏهن ڪو ماڻهوُ ڪو ڪم نٿو ڪري سگهي ۽ چوي تہ مونکي اُن ۾ شوق ڪونهي.